

# آسمان جي هيٺ

خدا بخش مغل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آسمان جي هيٺ

ناول

خدا بخش مغل

SHER ALI CHANDIO
SOCHAND GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عظمت ادبي اڪيڊمي نمبر 63

ڪتاب جو نالو : — آسمان جي هيٺ

مصنف : — — خدا بخش مغل

ٽائيٽل : — — فتاح

ڇاپو : — — ٻيو

سال : — — ڊسمبر 1990ع

پهريون ڇاپو : — جنوري 1960ع

**قيمت 10.00 روپيا**

★

هي ڪتاب م.ع. ميمڻ، عظمت ادبي اڪيڊمي طرفان الحنيف پريس ڪاڌي ڪاتو مان ڇپرائي 13 نظام لاج ڪاڌي ڪاتو حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# پيش لفظ

آءُ مشڪور آهيان انهيءَ بزرگ هستي (سيد حيدر شاه حيدر) جو جنهن مون ۾ ڪي صلاحيتون ڏسي مون کي ڪجهه نه ڪجهه لکڻ لاءِ مشورو ڏنو ۽ سندس مشوره سان مون هيءَ هڪ ننڍڙو ناول ”آسمان جي هيٺ“ جي عنوان سان لکڻ شروع ڪيو، جو اڄ ناظرين ڪرام جي هٿن تائين پهچي چڪو آهي.

هن ناول جي رنگيني نه ته ڪو هيرو، نه هيروئن ۽ نه ته ڪو عشقيا داستان آهي — هن ڪتاب ۾ فقط سماج کي ولين جي حيثيت سان پيش ڪيو ويو آهي. منجهس ڏيکاريو ويو آهي، ته انڌي سماج جو آواز ڪهڙيءَ طرح اکين وارن کي اکين پورڻ تي مجبور ڪيو ڇڏي — هو پنهنجي بلند ۽ زوردار آواز جو رعب اسان تي ايتري قدر وهاريو ڇڏي جو اسين سڀ ڪجهه خاموشيءَ سان لڏنيندا رهون ٿا — هو اسان کي لتيندو رهي ٿو، پيڙيندو رهي ٿو، مگر

اسين ......... شايد هن کي ڪو چوڻ وارو ڪونهي ــ تواريخ شاهد آهي، تہ هو صدين کان انسان جون خوشيون ڦريندو رهيو آهي ــ هو انسان ذات جو دشمن آهي، ايتري قدر جو هن ڪيترين انساني تقديرون بدلائي ڇڏيون ــ ليڪن واهہ ڙي حضرت انسان.

بهرصورت ڪتاب کي دلڪش ۽ دلچسپ بنائڻ لاءِ، هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويئي آهي، اميد تہ پڙهندڙن کي ضرور پسند ايندو.

خدا بخش مغل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

مونکي ٻر آهي ته عصمت فروشي گناهه آهي— هيءَ نه فقط اخلاقي جرم آهي، مگر......قانوني جرم ......!قدرت جو جرم......!! هي هئا سلمه جا الفاظ جي هن پنهنجي بيان کي شروع ڪندي ڪيا هئا— سلمه هڪ عصمت فروش عورت هئي— عصمت فروش ........! بيسوا......!! رنڊي......!!! اڄ هنکي پنهنجي عصمت وڪڻڻ جي گناهه ۾ پيش ڪيو ويو هو— اڄ هنکي هيڏي ساري گناهه جي سزا ڏيڻ لاءِ پيش ڪيو ويو هو— اڄ هنکي اها سزا ملڻي هئي جنهن جي هوءَ لائق هئي— هن جرم ڪيو هو— اخلاق جو جرم......! قدرت جو جرم......!! سماج جو جرم......!!! هن ڇو هيءَ جرم ڪيو؟ نه معلوم ......! هن کي معلوم ڪرڻ به شايد سماجي قانون جي پيچيدگي هئي— هن کي سمجهڻ به شايد هڪ اخلاقي گناهه هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اندر. زميندار صاحب جي صاحبزادي ٻنجي ويئي — صاحبزادي ......! زميندار صاحب جي خوبصورت عورت جي خوبصورت ڌيءُ......!!

"ڪاش هنجي ماءُ حسين نہ هجي ها"

هنجي ماءُ نهايت ئي خوبصورت هئي — خوبصورت ......! ان وقت جو هرڪو تندرست نوجوان هن جي فقط هڪ جهلڪ تي شرمائجي ٿي ويو — ڪوبہ اهڙو زورآور نہ هو جو هن جي لعل لبن جي جنبش جو تاب جهلي سگهي — بس، سڀڪو لبيڪ چئي پنهنجو سر حسن جي قدمن تي رکڻ جو خواهان هو......! اهوئي سبب هو جو هن کي هن جي اصلوڪيءَ گهر مان زبردستيءَ اغوا ڪيو ويو — اهوئي سبب هو، جو هن کي پنهنجي مسڪين مڙس کان جدا ڪيو ويو، فقط اهوئي سبب هو جنهن کان هن جي پياري مڙس کي عمر ڀر قيد جي سزا ملي —

"ڪاش هوءَ خوبصورت نہ هجي ها"

مگر، جيڪڏهن هوءَ خوبصورت نہ هجي ها تہ جيڪر پنهنجي پوري عمر پورهيا ڪندي گذاري ڇڏي ها — جيڪڏهن هوءَ خوبصورت نہ هجي ها تہ سموري عمر هوءَ غربت جي ڪني مرض ۾ مبتلا رهندي اچي ها — جيڪڏهن هوءَ خوبصورت نہ هجي ها تہ جيڪر سندس ڌيءَ صاحبزادي ڪانہ سڏجي ها — هيءَ هئي سندس حسن جي ڪرامت — اڄ سندس حسن اهو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪرشمو پيدا ڪري ڏيکاريو، جنهن جو ڪيس ڪوبه خواب و خيال، وهم ۽ گمان سندس دل ۾ هن کان اڳ بلڪل ڪين هو — اڄ هوءَ بلڪل خوش هئي — هوءَ هئي ۽ هن جو زميندار ———!

هوءَ زميندار وٽ نهايت ئي خوش هئي — زميندار هن کي اغوا ڪري، هنجي مڙس کي جنم سزا ڏياري سندس مسڪين جهوپڙيءَ کي صاحبزادي بڻائي هن تي هڪ وڏو سارو احسان ڪيو — هن جو احسان نه فقط هن تي هو مگر، هن لاءِ مشڪور هن جو حسين چهرو پڻ هو جنهن کي هن هيڏي ساري پناهه ڏيئي سندس حياتيءَ ۾ اضافو ڪيو نه ته جيڪر هوءَ هن مسڪين هاريءَ سان گڏ، ڏکون ڪندي، گاهه ڪڍندي، ۽ ڍڳا ڍور چاريندي پنهنجو حسن وڃائي ڇڏي ها، ۽ پوءِ........! پوءِ هنکي ڪير هڪ نظر وجهي به نه ڏسي ها — زميندار هن تي هڪ وڏو سارو احسان ڪيو — هوءَ سندس احسانمند ضرور هئي ليڪن اُن سان گڏو گڏ هوءَ انهيءَ قدرت جي به ٿورائتي هئي جنهن هن کي جمال ڏنو ورنه.......! آخر هن جو پنهنجي حسن ساٿ ڏنو ۽ اڄي انهيءَ منزل تي پهچايو، جنهن لاءِ هوءَ موزون هئي —



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

وقت جو گهڙيال پنهنجي تيز رفتاريءَ سان هلندو رهيو — ٺيڪ انسان وقت جو انتظار ڪري ٿو ليڪن وقت ڪنهن جو به انتظار نٿو ڪري، هو دنيا جي پيدا ٿيڻ کان وٺي ختم ٿيڻ تائين ساڳي رفتار سان ڊڪندو رهي ٿو — عمر جا راتيون ۽ ڏينهن، هفتا ۽ مهينا بجليءَ وانگر ڦرندا رهيا —

اڄ سلمه جوانيءَ جي آخرين ڏاڪي تي پير رکي واري هئي، سندس جمال ماءُ کان ڏهه حصه گهٽو هو، سندس سونهن جي ساراهه هر هڪ جي وات هئي — سلمه......! زميندار صاحب جي خوبصورت زال جي خوبصورت سلمه......!

زميندار صاحب جي صاحبزادي سلمه......، نه، نه، زميندار صاحب جي سلمه.

زميندار صاحب ۽ سلمه جي ماءُ جي اٺبٽت صرف انهيءَ ڳالهه تان ٿي جو زميندار صاحب چاهيو ٿي ته



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

.........، سلمه جي ماءُ ان جي خلاف هئي...... سلمه جي ماءُ ڪيڏانهن گم ٿي ويئي......؟ هن جو ڪوبه پتو ڪونه پيو.

متئين شاهد پنهنجو بيان جاري رکندي ان ڳالهه تي به روشني وڌي، ته سلمه جيڪڏهن چاهي ها ته ڪرم پور ۾ رهي سگهي ٿي: زميندار وٽ عزت ۽ آرام سان زندگي بسر ڪري سگهي ها، مگر...... آواره جو ٿي — هن کي آواره رهي حياتي گذارڻ پسند هئي مگر هن زميندار صاحب وٽ سرپرستي ڏي ويڻ قبول نه ڪيو — ڪم بخت!

اڄ هو هڪ آواره، ڪميني ۽ بداخلاق عورت هئي — هن تي سندس بداخلاقي جي سبب مقدمون هلي رهيو هو — هوءَ واقعي هڪ بدڪردار عورت هئي — هن کي شايد هي وڌيڪ پسند هو!

سلم ڪچهريءَ جي پڃري ۾ بيٺل هئي، سندس جسم سندس ميرن ۽ ڦاٽل ڪپڙن مان ڪٿان ڪٿان ليئا پائيندو نظر ٿي آيو جنهن کي هن پنهنجن ڦاٽل دوپٽي سان ڍڪڻ جي گهڻيئي ڪوشش ٿي ڪئي مگر......!

هن جا اڌيا وار لٽن جي صورت ۾ سندس منهن تي لٽڪي رهيا هئا، سندس ڪنڌ هيٺ هو، شايد هوءَ روئي رهي هئي. هن جي اکين مان وڏا وڏا ڳوڙها ڪري رهيا هئا — هوءَ هڪ بي جان مجسمه جي طرح پڃري ۾ بيٺي رهي ۽ هن جا ڳوڙها پاڻ سنڌو ڪرندا!

رهي ها؟ ڇاڪاڻ جو اهي ماڻهون جن جو اولاد سهڻو نه آهي، انهن کي اولاد سان پيار ڪونهي؟ غلط......! بلڪل غلط ......!! ڪنهن به ماڻهوءَ کان پڇي ڏسو ته، اوهان جو اولاد خوبصورت آهي يا بدصورت؟ ڪٿي ڇا به هجي ليڪن، هر اولاد پنهنجي ماءُ لاءِ ملوڪ ۽ لاثاني درجو رکي ٿو ـــ ته پوءِ......! مونکي به ڇو نه بدصورت بڻايو ويو......! ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها جو هو منهنجو الوقت منهن جلائي ڇڏين ها......! يا منهنجي هڪ اک ڪڍي ڇڏين ها......! يا مونکي انوقت هڪ ٽنگ کان منڊو بڻائي ڇڏين ها......!!

”ڪاش.........“ افسوس مونکي خوبصورت فقط انهيءَ ڪري رکيو ويو، ته آءٌ هر گندي دل جو اظهار خيال ۽ هر بري نظر جو شڪار رهان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏيڪ معلوم ڪرڻ تي مون ٻڌايو ته منهنجي ماءُ جي ڄمڻ ٿي وقت ڪانپور ۾ مونکي اهو ٻڌايو ويو ته هوءَ هڪ بدچال عورت هئي جا...... مگر اڄ ته هر ڳالهه کان واقف هيس تنهنڪري مونکي هاڻ هيءَ گهر، گهر نه بلڪ دوزخ جي شاخ نظر اچي رهيو هو ـــ جيتوڻيڪ مونکي خوش رکڻ لاءِ هر هڪ پاتيءَ کي هر روز نيون هدايتون ملنديون هيون. مگر...... مونکي پنهنجو مستقبل نهايت ڀيانڪ نظر اچي رهيو هو ـــ اڄ ڇا ٿي ڪري سگهيس ـــ ڏينهن روئندي رات تارن ڳڻيندي گذرندي هيم ـــ مونکي ڪير به دلداري ڏيڻ وارو ڪونه هو، فقط هڪ پوڙهي دائي جا منهنجي ماءُ جي گهاٽي سهيلي هئي مونوٽ اچي وهندي هئي ۽ مونکي دلاسا ڏيندي هئي ـــ اڄ پنهنجو سڀ حال دل کولي هن کي ٻڌائي پنهنجي دل جو بار هلڪو ڪندي

هيس — هوءَ مون وٽ روزانه ايندي هئي ۽ آئون به سندس اچڻ جي ٽائيم تي ٿورڙيءَ به دير ڪرڻ تي سندس انتظار ڪندي رهندي هيس — هوءَ منهنجي همدرد هئي — منهنجي ماءُ جي همدرد سهيلي ۽ منهنجي غمگسار ماسي —

مون مان ماسيءَ جو ڏاڍو پيار هوندو هو — ويچارڙيءَ کي ڪوبه اولاد ڪونه هو انڪري هوءَ مونکي پنهنجي ڌيءَ ڪري ڪوٺيندي هئي ۽ آءُ کيس ماءُ کانپوءِ ماءُ ڪري سڏيندي هيس — هوءَ مونوٽ هر روز شام جو ايندي هئي ۽ رات تائين ويٺي مٺڙيون مٺڙيون ڳالهيون ٻڌائيندي هئي، ان سان گڏ وگڏ هو روزانه ڪيتريون نصيحتون پڻ ڪندي هيم، جنهن مان مونکي يقين هو ته هوءَ منهنجي پوريءَ طرح خيرخواه هئي — هن کي مون ۾ وڏو ڀروسو هوندي به منهنجي جوانيءَ ۾ شايد اعتبار نه هو — هوءَ هڪ زماني جي تجربيڪار عورت هئي — هن ڪيتريون ئي جوانيون پنهنجي جوانيءَ کانوٺي پوريءَ تائين ڏٺيون هونديون! — جواني...... ! مغرور جواني...... ! مقبول جواني...... ! ها، اها جواني جا پاڻ سان گڏوگڏ جذبات کي به جوان ڪيو ڇڏي — اها جواني جنهن جون موجون دل جي درياهه مان اٿلي ڇالوڙون ڪرڻ شروع ڪن ٿيون ۽ انسان دل جي هٿن ۾ مجبور ٿي وڃي ٿو — شايد، ماسيءَ کي به اهو خيال هو —

ماڳيا أکر گل ڀانو لاءِ هجن ها؟ ڇا زميندار صاحب منهنجي عمر جي برابر آهي؟ بس تون منهنجي ماءُ نه آهين بلڪ دشمن آهين — منهنجي دشمن.........! منهنجي جوانيءَ جي دشمن.......!! منهنجي جمال جي دشمن.......!!! منهنجي ضمير جي دشمن......؟...؟، منهنجو آواز ٻرجي آيو — آءُ وڏيون وڏيون اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳيس —

"ڪاش آءُ حسين نه هجان ها".



SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماسيءَ مونکي ڏاڍي پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي —
مگر مونکي هن جي هر هڪ همدرديءَ سان ڀريل جملي
۾ مڪر ۽ فريب نظر اچي رهيو هو — اڄ مونکي يقين
ٿي ويو ته هيءَ منهنجي نقلي ماءُ هڪ منهنجي خقيقي
سوداگر هئي. جنهن منهن جي حسن جو سودو چند
چانديءَ جي ٽڪرن تي ڪرڻ ٺي گهريو — اڄ مونکي
يقين ٿي ويو ته ڪيئن نه هڪ هوس پرست انسان
پنهنجي عادت کان مجبور ٿي انهيءَ وقت به پاڻ تي
لعنت وسائڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي، جنهن وقت منجهس
ڪجهه به باقي ڪونه ٿو رهي — شايد سندس ضمير جو
آواز پڻ سندس عمر سان گڏوگڏ ايترو ته پوڙهو ۽
ڪمزور ٿي وڃي ٿو، جنهن جو پرلاءُ سندس ڪمزور
ڪنن تائين ڪونه ٿو پهچي — ”بس امان مونکي
منهنجي حال تي ڇڏي ڏي“ مون سڏڪن ڀريندي
چيو — پوڙهيءَ ڪيترين ئي لهواريون اوپاريون ڳالهيون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رفيق حيات ٻنجي ۽ ٻنهي ٻڌل — منهنجو سودو دل تي ڪيو ويندو ۽ نه سون ۽ چانديءَ جي ڍيرن تي، مونکي پڪو يقين هو—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پورن پنجن ڏينهن گذرڻ کانپوءِ اها ساڳي ٻوڙهي
عورت مون وٽ سهڪندي آئي ۽* ايندي ئي شرط اچي
روئڻ شروع ڪيائين — مون کي مٿس جو نفرت هئي
تنهنڪري مون کانئس روئڻ جو سبب ته خير مگر
ڪيس ٻليڪار به ڪانه ڏني، جنهن کان شايد هنکي
اڳان به وڌيڪ رنج ٿيو هوندو — ٻوڙهي ۽ روئندي
روئندي رڙهندي اچي منهنجي پاسي ۾ ويٺي
۽ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي روئندي چيائين ته،
امان توُن ڀلي مونکي پنهنجو دشمن سمجهه، مگر......
مائي وري روئڻ ۾ شروع ٿي ويئي — هوءَ روئندي
روئندي ڪجهه چوندي پئي ويئي جو منهنجي سمجهه
۾ نه پئي آيو — آخر هن ڳوڙها اگهي پنهنجو وات
منهنجي ڪن جي ويجهو آڻي چيائين ته ڌيءَ تنهنجي
ماءُ هت آئي آهي — هوءَ فقط توکي ڏسڻ گهري ٿي —
پوءِ......! ”بس منهنجو فرياد اگهامي ويو.“ منهنجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وات مان بي اختيار نڪري ويو — "ڪٿي آهي منهنجي ماءُ" مون پوڙهيءَ کان ڪن ۾ پڇيو — هوءَ مون وٽ آئي هئي، مون ڪيس پاڻ وٽ رهائڻ مناسب نه سمجهيو ته متان هي ظالم زميندار......، هوءَ چپ ٿي وئي—

"ڪٿي آهي منهنجي ماءُ ڇا مونکي هُن ٻاٽوٽ گهرايو آهي؟"

"ها" پوڙهيءَ جواب ڏنو، مون هنکي ڳوٺ جي ٻروارِي باغ جي هڪ ڪوٺيءَ ۾ لڪائي وهاريو آهي، اهو باغ اسانجي هڪ عزيز جو آهي — مون ڪيس پنهنجي هڪ پيڻ سمجهي پناهه ضرور ڏني آهي پر ان سان گڏ ڪيس اها به صلاح ڏني اٿم ته هوءَ جيترو جلد ٿي سگهي هتان رواني ٿي وڃي ته متان......! "ماسي آءٌ هلنديس. ماسي مونکي جلدي وٺي هل آءٌ پنهنجي جيجل ماءُ سان ملنديس — آءٌ ڪيس چونديس ته......، آءٌ ڪيس اڃان به ڪي گهڻيون شڪايتون ڪنديس — هل مونکي جلدي وٺي هل." مون ماسيءَ کي ٻيهرين پوندي چيو — مون بنا ڪنهن ڪپڙي بدلائڻ يا ڪٽڻ جي برقعو پاتو ۽ ماسيءَ جي پٺيان هلڻ لڳيس — ماسي مونکي ماڻهن جي نظرن کان بچائيندي ڳوٺ جي ٻاهران وٺي آئي — سامهون هڪ عاليشان باغ هو جنهن ۾ طرحين طرحين جا ميوا آزاد فضا ۾ ٽارين ۾ لڙڪندا ڏسي منهنجي روح کي نهايت سڪون پئي پهتو — هوڏانهن رنگا رنگي گل پنهنجي مرضيءَ سان لڏندا

تو جهڙين سرڪش عورتن جا مغرور سر انهيءَ ساڳئي گهڙيءَ ۾ زبردستي ڪيرائي ڇڏيا ۽ تون...... هو هلندي ٿڙندو ٿي وتيو جنهن مان مون سمجهيو، ته اڄ خوب شراب پيتو اٿس، ۽ اڃان به ڪيس هڪ اڌ ٻيل بوتل هٿ ۾ هئي — هن دروازو اندران تالي سان بند ڪيو ۽ اچي اُن اڌ پيگل ميز تي ويٺو ۽ ويٺو پيئندو رهيو — هو پيئندو رهيو ۽ آءٌ رڙيون ڪندي رهيس، ڪيس سٽائيندي رهيس، مگر هو بناڪنهن ڇڪن ڇران جي فقط ٺهڪ ڏيندو پيئندو رهيو ۽ پوءِ...... هن جي ٺهڪن جو آواز ايڏو ته زوردار هو جو هن آواز کان منهنجي گريه زاري جو آواز ڪجهه به نه بلڪل نفي برابر هو — هو زورآور هو ۽ آءٌ هڪ مجبور عورت — مجبور......، بيوس......،

هاڻ هو اٿيو ۽ ٿڙندو ٿاٻڙندو مون ڏانهن اچڻ لڳو — هن جون اکيون شراب جي نشي کان بند هيون — هنجو هوش پنهنجا حواس گم ڪري چڪو هو — هنجو ضمير جو شايد هن کان اڳ ئي مئل هو گهريءَ ننڊ ۾ ڪونگهرا هڻڻ لڳو ۽.........!

آءٌ ڊپ کان پڪيس، مگر...............!

مون هن کي دالهون ڪري ڌڪاريو، مگر.........!

مون هن کي پنهنجي مجبوريءَ جو شرم ڏياريو، مگر...............!

مون هن کي پلاڻيل رشتو ياد ڏياريو، مگر.........!

مون ته توکي هڪ نه، بلڪ سو ڀيرا ڏٺو، مگر ...... ،
خبر نه آهي ته، منهنجي لڙڪن ۾ تون ڪٿان آيو؟
شايد ......، شايد منهنجي نصيب ۾ روز ازل کان
روئڻ لکيل هو — مگر ......، اهو ڪنهن لکيو ......؟
ڇا تون ڪائنات جو خالق، تقدير جو ڪاتب آهي،
جنهن کي تو ڪهڙي اختياريون ڏنيون ڇڏيون هجن؟
نٿي سگهي تون ته اهو ڪو زميندار هجي —

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هاڻ هيءَ جاءِ مونکي مستقل رهائش لاءِ ڏني ويئي— آءٌ انهي رهندي هيس ۽ هو ظالم زميندار هر روز شام جو مون وٽ ايندو هو— هو مونکي خوش ڪرڻ لاءِ روزانه ڪيترا زيور ۽ قيمتي ڪپڙا وٺي ايندو هو ۽ ڪيترو وقت ويهي مونکي نون ڪپڙن ۽ زيورن پائڻ لاءِ منٿون ڪندو هو— هو انهيءَ دوران ۾ منهنجي حسن جا ڪيترائي بي معنيٰ قصيدا يڪ ساهيءَ پڙهي ويندو هو ۽ هر هر قسم کڻي پيو چوندو هو، ته ”سلمه توسان ڪڏهين به بيوفائي نه ڪندس“.

خاموشيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو ڪونه هو، انڪري آءٌ خاموش هوندي هيس ۽ خاموشيءَ سان......

هاڻ منهنجي لاءِ ٻيو ڪو به رستو ڪونه هو ۽ جيڪڏهن هو نه فقط اهو نه رضا تي راضي رهان— هاڻ مون رضا تي راضي رهڻ جو هڪو ارادو ڪيو— مگر......، آءٌ رهي نه سگهيس— مونکي مڪي رهڻ لاءِ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

لعنت تي ڪهڙو جواب ڏيندين — آءٌ هن کي ڪهڙو جواب ڏيندس، نه، تڏهن ڪنهن ٻئي جي پيدائش ضرور آهين، مگر ڪو به تنهنجي ٻئي ڄمائڻ لاءِ تيار ڪونهي —

هيءُ خيال پيدا ٿيندي هڪدم منهنجي خيالن ۾ انقلاب اچي ويو ۽ مون پنهنجي محڪم ارادي مان سوچيو، ته ”ڇا ٿيندو — ڇا به ٿئي، مان ڪنهن به دنيا جي بدنامي يا گناهه کان ڪونه ڊڄندس — مان سماج کي منهن ٽوڙ جواب ڏيندس، مان ڪيس ڄاڻائي ڪان جهلي ڇوندس، ته ڇا فقط هي......!“

مون کي پرواه نه آهي، هاڻ سماج منهنجو بگاڙي ڇا سگهندو، ڇا اڃان به ڪجهه باقي رهيل آهي؟ سماج.........! انڌو سماج.........!! ٻوڙو ۽ گونگو سماج.........!!! آءٌ ڪڏهن پڇنديس ۽ ضرور پڇنديس ته هن ۾ قصور منهنجو آهي يا پيدا ٿيڻ واري جو؟ قصور ته پيدا ڪرڻ واري جو آهي — خير ڪجهه به هجي ليڪن قصور ان جو ئي رهندو، جو پنهنجو غير ضروري وجود خواهه مخواهه ڪٿي دنيا اندر اچي ٿو — ٺيڪ، بلڪل ٺيڪ —



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏينهن گذرندا رهيا ۽ آخر ٻه پنهنجي انهيءَ وقت
کي ويجهي ايندي ڏسي — زميندار نهايت ئي خوش
هو، هن کي هيتري ساري اولاد هوندي به پنهنجي
ڪاميابيءَ تي فخر هو — مون کي اسانجي ويجهي شهر
جي هڪ سرڪاري اسپتال ۾ داخل ڪرائي ويو، اسپتال
جي اندر ڪيترين ئي ڊاڪٽرياڻين ۽ نرسون هيون
جي اڪثر موجود ويٺيون رهنديون هيون — زميندار
جو خوب انتظام هو — اسپتال جا وڏا ڊاڪٽر پڻ مون کي
وقت بوقت ڏسڻ لاءِ ايندا هئا ۽ ڪوڙيءَ ڪوڙيءَ قابل
نرسن کي نيون نيون هدايتون ڏيندي ويندا هئا — هڪ
نرس خاص طرح منهنجي لاءِ مقرر ڪئي ويئي هئي —

اڄ مون کي خبر پيئي ته ماءُ کي اولاد لاءِ ڪهڙيون
نه سختيون سهڻيون پيون پون — اڄ منهنجي اکين
اڳيان ٻجر جي اونداهي ۾ ميدان قيامت ٿري رهيا هئا —



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آءُ بيهوش هئس — هوش ۾ اچڻ سان منهنجي نظر سامهون پيل ننڍڙي پينگهي تي پيئي جنهن ۾ نهايت ئي هڪ خوبصورت ٻار ستل هو — منهنجو ڪل جسم ۾ هڪ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي — منهنجي اکين ۾ خوشيءَ جا لڙڪ نظر اچي رهيا هئا — منهنجي ڪنن ۾ هر هر "امان امان" جا آواز گونجي رهيا هئا — منهنجي ماتا خوب جوش ڪڍو ۽ چاهيم ته اٿي پنهنجي معصوم کي پنهنجي سيني سان لڳايان — مون اٿڻ چاهيو — مگر ڪمزور هئڻ ڪري نرس منع ڪئي — مون اشاري سان نرس کي معصوم ڪٿي ڏيڻ لاءِ چيو — هن ٻار ڪٿي منهنجي پاسي ۾ ليٽايو — "ڪڪي" منهنجي وات مان بي اختيار نڪري ويو — "هو ڪڪي، خوبصورت ڪڪي" — نرس جواب ڏنو — "ڏس ته ڪهڙي نه وڻندڙ ڪڪي آهي، خوبصورت ڪڪي، خوبصورت ماءُ جي خوبصورت ڪڪي" — بس...... منهنجو دماغ چڪرائڻ لڳو، منهنجي اکين اڳيان اونداهي ڇانئجي ويئي — ها، خوبصورت ماءُ جي خوبصورت.........، آءُ اوچتو رڙ ڏيئي روئڻ لڳس — "اي آسمان وارا، ڌڻي.........!"

اڄ ڪانپور مون ڪڏهين به پيٽ ڀري ماني نه کاڌي، نه معلوم ڪهڙا ڪهڙا خيال سوچي دماغ مان پيا گذرندا هئا — مونکي نه ڏينهن رات جي ننڊ ۽ نه ڏينهن جو آرام — الاجي ڇا سوچيندي رهندي هيس،

مونکي جيل جي چوديواريءَ اندر پهچايو ويو، جت مونکي ٻه ٻين گنهگار عورتن سان گڏ ڇهه مهنا قيدي ٿي گذارڻو هو — هاڻ مونکي ڪجهه اطمينان هو ۽ منهنجي دل جو بار مونکي ڪجهه هلڪو معلوم نظر آيو — آءٌ قيدي ٿي پنهنجا قيد جا ڏينهن ۽ راتيون هڪ هڪ ڪندي گذاريندي رهيس — هڪ مهنو، ٻه مهينا، ادائي ......، منهنجي مليل سزا جا چار مهينا گذري چڪا هئا، باقي ٻن مهنن اندر آءٌ آزاد ٿيڻ واري هئس — مونکي آزادي عنقريب ملڻ واري هئي — آزادي .........، ڪيترن ڪشالن کانپوءِ آزادي، ڪيترين مصيبتن جهيلڻ کانپوءِ آزادي، اها آزادي جنهن جي ملڻ سان ڏي انسان آزاد ٿوائي اڳيون سڀئل سڀ تڪليفون ۽ سور سيڪنڊ ۾ ڀلجيو وڃي — ها، ها......، اها آزادي، اها آزادي جنهن جي حياتيءَ جو هڪ منٽ ٻه غلاميءَ جي سو سالن کان بهتر ليکيو

سر لاءِ خريد نه ڪري ها — مگر، هائي ڙي پيٽ......!

تو ڪيترن ئي انسانن جا خون انسانن جي هٿان ڪرايا —

تو ڪيترن ئي شريفن جي هٿن مان زوريءَ شرافت جو دامن ڇڏايو —

تو ڪيترن ئي خوددارن جا سر زمين تي ڪيرائي ڇڏيا —

تو ڪيترن ئي باعزت گهرن جون عزتون لٽايون —

تو ڪيترن ئي مسڪين عورتن جون عصمتون......!

تو پنهنجي پرندڙ باهه اندر اسان جو سڀ ڪجهه جلائي ڇڏيو، تڏهين به تنهنجي باهه بدستور پرندي رهي ٿي — توکي گهرجي پوءِ هو حلال هجي يا حرام — مان به جيڪڏهين اڄ ڏينهن ڪيان ها ته گهٽ از گهٽ بي غيرتيءَ جو سٽيو تڪر پيو ملي ها، مگر هاڻ......!
خيالن پڇائيندي منهنجي دل مان هڪ نهايت پر خيال گذريو — هيءَ هڪ خيال نه، هو بلڪ هڪ وسريل خواب هو، جنهن منهنجي اميدن جي اونداهي دنيا اندر هڪ ٽمڪندڙ تاري جو پارٽ ادا ڪيو ۽ منهنجي وات مان بي اختيار نڪري ويو ”خادم“ آءٌ خيالن جي دنيا اندر ٻڏي ويس — خادم! او منهنجا خادم!! آءٌ تنهنجي آهيان — آءٌ......آءٌ......، تنهنجي ملڪه — منهنجي سر جا تاج مونکي معاف ڪر، مونکان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وڏي غلطي ٿي، مون تنهنجو چيو نه ڪيو، مون تنهنجي تمنا کي لڪرايو ۽........ ۽ نود لڪ ائجي وڃي منهنجا محبوب — مون تنهنجي دل کي ڏکويو ۽ انهيءَ ٿي ڪري اڄ آءٌ تباهيءَ جي دروازي تي اچي بيٺي آهيان — منهنجا مالڪ جيڪڏهن تون هاڻ هنوقت منهنجو هٿ نه پڪڙيندين ته آءٌ هڪ اهڙي اوڙاهه ۾ ڪري پوندس جتان.........! منهنجي زندگيءَ جا سچا سائي هاڻ مونکي زندگيءَ ۾ زنده رهڻ جو وجهه ڏيئي پنهنجن قدمن ۾ رهڻ جي اجازت ڏي — مون پئي ڏينهن جيل خاني جي عملدارن جي اجازت سان هڪ خط لکيو —

## منهنجا خادم

مونکي يقين آهي ته توهانجي دل اڄان منهنجي محبت کي نفرت ۾ نه بدلايو هوندو، ڇاڪاڻ ته مونتي نازل ٿيل نه پر نازل ڪيل هر مصيبت کان او هان نهايت ٺي چڱيءَ طرح واقف آهيو — او هان انهيءَ ڳالهه مان به چڱيءَ طرح واقف آهيو، ته مون زماني جي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي، مگر......، آءٌ نه هاڻ ائين چوندس ته پنهنجي ڪيل پاپ جي سزا لوڙي رهي آهيان — مون توهانجي ارمانن جو گلو گهٽي پنهنجي آرزوئن جو خون ڪيو — ها......، ها آءٌ اڄان تائين اهائي سزا ڀوڳي رهي آهيان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لاءِ مون کي پنهنجي پيرن ۾ جاءِ ڏيو ـــ

اميد آهي ته پنهنجي سلمه کي تباهيءَ جي تختي تان بچائي اجر عظيم ڪندا ـــ

اوهان جو جواب منهنجي باقي زندگي جو سهارو ٿيندو.

فقط اوهان جي "سلمه"

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خادم ذانهن خط روانو ڪرڻ ڪانپوءِ جيڪڏهين
ڪو باقي منهنجي دل ۾ هو ته، اهو هو خادم جي
جوابي خط جو انتظار ـــ صبوح شام ايندو ۽ رات صبوح
ايندو، جي آئتن سان منهنجيون ٻئي چين گهڙيون
گذرنديون رهيون ـــ اڄ به خط ڪونه آيو ـــ ڇو.......؟
شايد.......، خدا شل خير ڪري، ڪٿي دشمنن جي
طبيعت ناساز ته نه آهي؟ نه، نه، ائين هرگز ڪونه
هوندو ـــ قدرت ڪي ڪيس خوش رکڻو آهي ـــ منهنجي
خاطر ۽....... منهنجي محبت جي خاطر، هو ضرور خوش
هوندو، ته پوءِ.......! هزارن خيالن جو مقام منهنجي
هڪ دل بنجي چڪي هئي، هڪڙا ٿي آيا ته ٻيا ٿي
وياـــ آخر.......، شڪر خدا انتظار ختم ٿيو ـــ خادم
جو جوابي خط طويل انتظار کانپوءِ آيو ـــ مون کي
هڪ لفافو مليو جنهن جي ذاتي ڪنڊ تي انگريزيءَ
۾ سنهن بلاڪ وڏن اکرن ۾ لکيل هو خادم ـــ لفافو

چوندا......، دنيا ڇا چوندي، دنيا وارا ڇا چوندا
۽......، ۽ سماج ڇا چوندو؟ جيتوڻيڪ مون کي ۾
انهن سماج جي علمبردارن کي اها به خبر آهي ته برائيءَ
کي فقط چڱائيءَ سان ئي ميٽي سگهجي ٿو، مگر......،
ڪير آهي جو هنن کي چوي — هنن کي سچ چوڻ به
سماج جي ڪاري قانون جي ڀڃڪڙي آهي — ڇا ڪريان
هوند سماج سان بغاوت ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي وڃان،
مگر............

فقط ڪوشش ڪندس ته ڪنهن به طرح اوهان
جي خدمت ڪري سگهان.

فقط خادم



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منهنجي وات مان چيخ نڪري ويئي ”آه منهنجو باقي سهارو به ٽٽي ويو“ آه ظالم تون هن جواب لکڻ کان اڳ سوچين ته ها ـــ تو منهنجي باقي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو ـــ تو منهنجي ارمانن کي باهه ۾ جلائي ڇڏيو ۽ انهيءَ باهه ۾ اڄ آءٌ به جلي رهي آهيان ۽ جلندي رهنديس ـــ او بزدل انسان تو فقط سماج کان ڊڄي هڪ انساني زندگي کي تباهه ڪري ڇڏيو ـــ ”ڪاش، اڄ سماج کان به ڪير پڇڻ وارو هجي، ته منهنجي تباهيءَ لاءِ جوابدار ڪير؟ مگر هيءَ جرئت ڪير ڪري ـــ سماج جو قانون پنهنجي خالقن تي ايترو قدر غالب اچي چڪو آهي جو هنن جي دل تي پنهنجي حقيقي خالق جي خوف جو ڊپ به ڪجهه اثر ڪري نٿو سگهي ـــ ته پوءِ......، مون کي به سماج جي قانون جو احترام ڪرڻ گهرجي ـــ جيڪڏهن هن جي اها خواهش آهي، ته پرواهه نه آهي آءٌ پنهنجي باقي زندگي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻُڌنڪندي گذاري ڇڏيندس، ليڪن، مرڻ کانپوءِ جيڪڏهين سماج جو ڪارو قانون منهنجي سامهون آيو، ته آءٌ پنهنجي چيخ ۽ پڪار سان آسمان ڏاري وجهندس ۽ قدرت الاهي کان انصاف طلب ڪندي. ڪيس وڏي آواز سان ٻڌائيندس، ته الاهي اهو اٿئي منهنجي زندگي جو دشمن، اهي اٿئي منهنجي تباهيءَ جا ڪارڻ، اهو سماج، اهي سماج وارا، ۽...... آءٌ وڏيون وڏيون اوچنگارون ڏيئي روئي رهي هيس — مونکي اتي گهڻن ئي گنهگارن پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر......، آءٌ روئندي رهيس ۽ ڏينهن گذرندا رهيا —



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

اڄ يوم آزاديءَ جي خوشيءَ جي سلسلي ۾ ڪيترن
قيدين جون باقي رهيل سزائون معاف ڪيون ويون —
اڄ مونکي به رهائيءَ جو حڪم ٻڌايو ويو، جنهن جي
ٻڌڻ سان منهنجا حواس گم ٿي ويا — منهنجو دماغ
دنيا جي گولي جي چوگرد ڦرڻ لڳو ۽ منهنجون
اکيون...... ڏم ڏم ڪري نير وهائي رهيون هيون —
ڇو......؟ شايد منهنجو عقل پٿر بنجي چڪو هو —
مونکي زوريءَ جيل خاني جي دروازي مان ٻاهر ڪڍيو
ويو — دروازي مان ٻاهر لڪرندي ئي منهنجي نظر
هڪ سائيڪل سوار تي پيئي، جنهن منهنجي ڀر سان
ايندي ئي پنهنجي سائيڪل بهاري هٿ مون ڏانهن
وڌايو — سندس هٿ ۾ هڪ سادو لفافو هو — مون به
پنهنجو هٿ وڌائي هن جي هٿ مان لفافو وٺي پڙهيو —
سلم خاتون!
آءٌ ڏاڍو شرمسار آهيان جو آءٌ تنهنجي لاءِ ڪجهه



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻه نه ڪري سگهيس — سلمه، خدارا مونکي معاف ڪج — مون کي اڄ تنهنجي آزاديءَ تي نهايت گهڻي خوشي ٿي آهي ۽ ساڳئي وقت توکي ٻه اهو ٻڌي شايد خوشي ٿيندي ته آءٌ بي-اي جي امتحان ۾ پاس ٿيو آهيان ۽ اول نمبر ڪنيو اٿم — اڄ منهنجي گهر ۾ يوم آزاديءَ مان ڳڌ منهنجي امتحان پاس ڪرڻ جو جشن ٻه آهي ۽ انهيءَ ڪري اڄ تون مونکي تمام گهڻو ياد اچي رهي آهين — ڪاش! سماج جي آواز جي ديوار تنهنجي ۽ منهنجي وچ مان نڪري وڃي — آءٌ اڄ ٻه توکي نه ڀليو آهيان، هي ٻه سؤ روپيه موڪليان ٿو، ان لاءِ ته تون پنهنجي لاءِ ڪجهه ڪري سگهين — نوٽن تي نظر پوندي ٿي منهنجي دل مان هڪ زوردار چيخ نڪتي — مونکي هڪ وار خيال آيو ته اهي ٻئي سؤ سؤ روپئي جا نوٽ انهيءَ لفافي آٿيندڙ جي منهن تي ڦهڪائي هڏان ۽ ڪيس چوان ته وڃي چؤ پنهنجي صاحب کي ته ”اي بزدل انسان تنهنجا هي ٻن سون جا نوٽ منهنجي درد دل جي دوا ڪري نه سگهندا، مگر.......، اي تنگ دستي توتي لعنت ۽ هزار ٻار لعنت —

اڄ شهر ۾ ڪافي رونق ٿي ڏٺي، جڳهه جڳهه ماڻهن جا انبوهه ڏسڻ ۾ پئي آيا — آءٌ هلندي رهيس، هڪ هلندڙ گهمندڙ مجسمه جي طرح، هڪ زنده لاش جي طرح — آءٌ پنهنجي ارادي کي اٽل قرار ڏيئي چڪي هيس ۽ يقين ڪري چڪي هيس — بس هن ڪان وڌيڪ نجات جو ٻيو سولو رستو ڪونه هو — آءٌ پنهنجي مستقل ارادي سان اڳتي وڌندي رهيس — منهنجيون اکيون بند هيون — منهنجا قدم پنهنجي آخرين منزل ڏانهن تڪڙا تڪڙا وڌي رهيا هئا — منهنجو دماغ پنهنجي ڪامياب تجويز تي خوب خوش هو ۽ منهنجي دل پنهنجي ڌڙڪن جي تعداد کي جلد پورو ڪرڻ لاءِ تيزيءَ سان ڪم ڪري رهي هئي، ۽...... آءٌ موت جي فرشتي کي لبيڪ چوڻ لاءِ پنهنجي ڦاٽل جهولي کڻي اڃان به اڳتي ڊوڙي رهي هيس — اچانڪ منهنجي ڪن تي ننڍڙن ٻارڙن جو آواز آيو، جي هٽن ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ارادو ڪيو ـــ ڪيترا ڏينهن آءٌ هينئن ڀٽڪندي گذاري
ڇڏيندس؟ ڪيتريون راتيون آءٌ هينئن اڪيلي ڪمرين
۾ رستن تي گذاري سگهنديس؟ بس آءٌ هي شهر ڇڏي
ويندس ۽......، پوءِ ٻئي پراڻي شهر ۾ مونکي ساڳيءَ
طرح رات رلندي ۽ ڏينهن ڀٽڪندي گذري ـــ ڪو
سڃاڻو وارو ته ڪونه هوندو، اهي آواز ته ڪونه
ايندا جن جي ٻڌڻ سان......! اف، ڇا ڪريان ـــ
ها......، ها مان شهر ڇڏيندس ۽ مون شهر ڇڏي ڏنو ـــ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آءٌ ڪراچيءَ جي شهر ۾ پهچي چڪي هيس، مون کان اڳ پڌو هو ته ڪراچيءَ هڪ نهايت وڏو شهر آهي، ڪراچي هڪ اهڙو عاليشان شهر آهي جنهنجي ڏسڻ لاءِ ڪتان ڪتان جا ماڻهو سوين بلڪ هزارين روپيه خرچي ايندا آهن — مگر مان......، مان ته شهر ڏسڻ ويئي هيس نه شهر گهمڻ — مون هتي پهچڻ مان اهو به محسوس ڪيو ته، ته هن شهر جي تماشي کان منهنجي قسمت جو تماشو بلڪل زور هو — ههڙي زبردست ماحول ۾ آءٌ اڳ کان به گهڻو مايوس ٿي ويس — آءٌ هيس ۽ منهنجي مجبور قسمت — ڇا ڪريان؟ ڪاڏي وڃان؟ ڪٿي رهان؟ ڪنهن کي چوان؟ مون وٽ ته پئسا به باقي وڃي ٿورا بچيا آهن، اهي به ڪيترو وقت هلندا — مونکي ڪير رهائيندو؟ ڪاش! قدرت مونکي پيدا ڪرڻ کان اڳ اهو به سوچي ها ته هوند......!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيو — نه ......، نه، مون پنهنجو پاڻ تي نه بلڪ پنهنجي ٻي زبان مقدر تي ظلم ڪيو — مون پنهنجي نصيب کي پنهنجي هٿن سان ڪُٺو ؟......، منهنجو ٻي زبان نصيب فقط آنسو وهائيندو مونکي ڏسندو رهيو — ڀلا هو ڪري به ڇا ٿي سگهيو — آءٌ هيس، بس آءٌ — ڀلا خالق جي ڪم ۾ مخلوق جو ڇا؟؟

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڄ رات آءٌ به روزانه طرح شهر جي هڪ ڀرالو رستي ٽلي رهيل هئس — هيءُ رستو جيئن ته ڪنهن غير آباد علائقي سان تعلق رکندڙ هو، تنهنڪري سنڌس حالت به منهنجي نصيب سان بلڪل ملندڙ جلندڙ هئي — منجهس آمد رفت بلڪل گهٽ هئي، ۽ انهيءَ ئي ڪري مون پنهنجي رات گذارڻ لاءِ هي فٽ پاٿ تجويز ڪيو هو — شهر ۾ سارو ڏينهن رلندي آءٌ ڪافي ٿڪجي پوندي هيس، ۽ ڪرڻ سان هڪدم موت جي اهڙي ننڊ وٺي ويندي هيم جو ڪڏهين به فجر جي بانگ ملڻ کان اڳ مونکي سجاڳي ڪانه ٿي — مگر، اڄ منهنجي ننڊ شايد مون کان رٺل ٿي ڏٺي، مون ڪيس منائڻ لاءِ سوين بهانا ڪيا، مگر......! منهنجو دماغ جو اڳيئي ڪافي ٿڪل هو، سوچي سوچي ٿڪجي پيو — اڄ منهنجي دل ۽ دماغ ۾ ڪافي جهڙپون ٿيون، جن کي سنجيدگيءَ سان راضي ڪرڻ لاءِ مون ڪيترائي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجي بيان جو سلسلو جاري رکندي مسلم عدالت کي عرض ڪيو ته ”مان عدالت عاليه کي عرض ڪنديس ته منهنجي حال، مجبوري ۽ بي بسيءَ تي رحم ڪري مونکي ڪم از ڪم ايتري سزا ڏني وڃي جيئن آءٌ باقي زندگي جا ڏينهن جيل ۾ محفوظ رهي ڪاٽي سگهان—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڄ عدالت ۾ ڪافي هجوم هو — ڪيترائي ماڻهو
هن ڪيس جي فتوا ٻڌڻ لاءِ ڪورٽ جي ايوان اندر
خواهه ٻاهر ورانڊي ۾ ڦرندا نظر پئي آيا — سلمه
ڪچهريءَ جي ڪٽهڙي اندر خاموش بيٺل نظر پئي
آئي — سنڌس ڪنڌ هيٺ هو — هن جون اکيون نهايت
ڳاڙهيون ۽ خشڪ نظر پئي آيون، جنهن مان اهو
معلوم پئي ٿيو، ته گذريل ڏينهن کان لڳو تار روئڻ
ڪري سندس اکين جا ڳوڙها خشڪ ٿي ويا هئا —
عدالت ويٺل جورين کان هن ڪيس لاءِ راءِ طلب
ڪئي — سڀني جورين سلمه کي سزا ملڻ لاءِ سفارش
ڪئي — مگر.........، عدالت ڪنهن اونهي ويچار ۾
هئي — عدالت فقط اهو سوچي رهي هئي، ته ڇا هن کي
سزا ڏيڻ سان هن گناهه ختم ٿي ويندو..........؟
فيصلو سڀاڻ تائين ملتوي ڪيو ويو.

———



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

# حصو ٻيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جاويد ۽ مان ماڪڙي محلي ۾ رهندا هئاسون. هو منهنجو هم عمر، هم ڪلاسي ۽ گهرو دوست هو. هو ڏاڍو عجيب انسان هو. ڳالهه ڳالهه تي ڪاوڙ ۾ ڪاوڙجڻ جڻ هن جي حياتيءَ جو مقصد هو. بدن جو سوسڪل سڙيل آدمي هو، مگر غصي جو نهايت تيز هو. هو هڪ سمجهدار انسان هو، ان ڪري ڪاوڙ تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هو ازحد ڪوشش ڪندو هو، مگر تنهن هوندي به ڪاوڙ مهل سندس منهن ۽ اکيون هڪدم لعل ٿي وينديون هيون. ڪاوڙ ۽ غصي کان علاوه هن مڙس ۾ هڪ ٻيو به ڪمال هو. هن ۾ ضد جو مادو ازحد گهڻو هو. ايتري قدر جو ڪابه ڳالهه جيڪڏهين هن جي اکيان ڪٿي وڃندي هئي، ته هو ان جي مخالفت ۾ ضرور ڳالهائيندو هو، پوءِ ڪٿي ڪيس سندس غلطيءَ جو يقين به هجي. ضد هن جي خون ۾ بلڪل ملي ويل ٿي ڏٺو. هو حد درجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جو ضدي هو ۽ پنهنجي ڳالهه مڃائڻ ڪانسواءِ ڪڏهين به ڪين مڙندو هو. مگر، هي سڀ هن جماعت ۾ هڪ جيڏن سان. هو پاڻ کان وڏن جو ته ايڏو ادب رکندو هو جو انهن جي روبرو اکر به نه ڳالهائيندو هو. هو چوندو هو ته پاڻ وڏن جي اڳيان زبان کولي ڳالهائڻ بي ادبي ۽ بداخلاقي آهي. اهو هو هن جو پهريون سبق جو هن ماءُ جي جهوليءَ ۾ سکيو، جو کيس اڃان ياد هو.

جاويد ضدي هو ـــ هو هميشه عام کان ابتڙ پنهنجو خيال ۽ راءِ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. شايد اهو ئي سبب هو جو هو اڃان تائين پنهنجي شاديءَ لاءِ مخالفت ڪندو آيو. هو شاديءَ جي سلسلي کان بلڪل خلاف هو، اهو ئي سبب هو جو هو پنهنجي زندگيءَ جون چوويهه ”بارهن ماهون“ منزلون ڪاٽڻ ڪانپوءِ به ڪنوارو هو. هن کي شايد اڪيلي زندگي وڌيڪ پسند هئي. هن جي مراد هئي، فقط آزاد دنيا ۾ آزاد رهڻ. هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هن ڪيترن ئي دوستن سان تبادلهٔ خيال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر هن جا خيال فقط انهيءَ منزل تي پهتا، ته ”شادي انهيءَ ڳري طوق جو نالو آهي جنهن جي ڳچيءَ ۾ پوڻ سان انسان پنهنجي خودمختياريءَ ۽ خودداريءَ جو خون ڪريو ڇڏي.“ انهيءَ خون ناحق لاءِ هو خود جوابدار آهي، يا مجبوراً هن کي ائين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هن کي شهناز سان پيار هو. هن جي دل اندر شهناز جي محبت جو مٺڙو درد هو، هن جي اکين ۾ شهناز جي دل لڀائيندڙ تصوير هئي، هن جي دل جي هر ڌڙڪن شهناز! شهناز!! پڪاري رهي هئي ۽...... هو دل جي هٿن ۾ مجبور هو. هو شهناز سان محبت ۽ وفا جا سيئي عهد و پيمان ڪري چڪو هو. مگر......، هو اول درجي جو بزدل هو. هيءَ هئي هن جي هڪ ڪمزوري. هو ڪمزور هو، هو ڊڄڻو هو، هو ڊنو ٿي. ڇا کان؟ سماج کان، سماج جي ٺيڪيدارن کان ۽...... انهي آواز کان. هن جو ڪمزور ضمير هن کي سماج جي پراڻي ديوار ٽپڻ کان سخت منع ڪري رهيو هو. هو کيس چئي رهيو هو، ته "خبردار!"

ڇا، مائٽن کي مرضيءَ جي شادي ڪرڻ لاءِ چوندين؟

ڇا، اها شرافت آهي؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مگٽو ٻه ڪري ڇڏيو هو، جنهن جي ڪيس شايد سڌ به ڪانه هئي. مگر هاڻ.........

”ڀلا مگ ڪيئن ڇڏ ٻي ؟
پنهنجا ننگ ڪيئن ڇڏ ٻا؟“

هي هيون انڌي سماج جون ڳالهيون، جي هن جي دماغ ۾ هر وقت گرداني ڪندي ٿي رهيون. ”ولڙيون ۽ ٻنيون ڪي نامرد ڇڏيندا آهن.“

اڄ هن پنهنجي مرضيءَ خلاف پنهنجي شاديءَ جي اجازت ڏني. هن پنهنجي دل ۾ پڪو يقين ڪيو ته هو شهناز جي محبت کي دل مان ترڙي ڪڍڻ لاءِ نئنهن چونيءَ جو زور لڳائيندو. هن کي شهناز سان پيار هو. هو هن پيار کي اڄان تائين سين کان لڪائيندو وتيو. ڇگو ٿيو جو هو هن پيار جي لڪائڻ ۾ ڪامياب رهيو ۽ هاڻ......هاڻ هو شايد هن کي پنهنجي دل مان ڪڍڻ ۾ به جلد ڪامياب ٿي ويندو. مگر هو ائين ڪري سگهندو؟

هن کي هن سان ازحد محبت هئي. هو هن کي پنهنجو بنائڻ لاءِ وعدو ڪري چڪو هو. ۽......... رکي رکي هن کي پوڙهي سماج جي واهيات رواجن تي ڏاڍا خار ٿي لڳا، مگر هو ڇا ٿي ڪري سگهيو؟ ڪجهه به نه، هن ۾ ايتري طاقت ڪانه هئي جو پنهنجي دلي آواز کي عملي جامون پهرائڻ لاءِ سماج سان جنگ جوٽي. هو بزدل هو، بس هن کي فقط اهو خيال



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجو گهر پنهنجن هٿن سان ڦٽائي، پراڻو گهر وسائڻ لاءِ رواني ٿي ويئي. هوءَ سڀني گهر وارن، عزيزن، خاندان ۽ سماج کي خوش ڪري، ڳوڙها ڳاڙيندي هلي ويئي. هن قرباني ڏني. هيءَ هن جي هڪ عظيم قرباني هئي. مگر هن هيڏي ساري قربانيءَ جو انعام هن کي ڪهڙو مليو؟ هن کي پوري ٻارهين مهني طلاق ملڻ سبب واپس اچي پنهنجي پيءُ جي گهر رهڻو پيو.

هائو ته، شهناز ۾ هزارين عيب هئا. ڇا هڪ طلاق شده عورت ۾ عيب نه هوندا؟ هن ۾ هزارين بلڪ ڪروڙين عيب هئا جنکي سماج وارا صرف هڪ ئي نظر ۾ ڏسي بيان ڪري ٿي ويا. اڄ شهناز انهن عورتن مان ليکي ٿي ويئي جنهن جو نالو وٺڻ به هڪ "سماجي" شريف عورت لاءِ عظيم پاپ هو. ڇا اهو به هن جو گناهه هو؟ هي واقعي هن جو گناهه هو جو هن پنهنجي پيءُ جي چوڻ تي پنهنجون سڀ حسرتون ۽ ارمان سماج تان قربان ڪري هن زالن واري سان شادي ڪئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

اُف! شهناز کي ڪنهن به صحيح طرح سان ڪونه سڃاتو ته شهناز ڪير هئي؟ شهناز ڇا هئي؟ جاويد ئي هڪ شخص هو جنهن کي شهناز سان هن حالت تي همدردي هئي. هنکي نه فقط هن سان همدردي هئي بلڪ پيار هو. هن جي دل اڃان به شهناز کي ويجهو ڏسڻ ٿي گهريو. مگر ........، هو هڪ ڪم همت انسان هو، جنهن سماج کان ڊڄي پاڻ کي اهڙي اوڙاهه ۾ ڦٽو ڪرڻ ٿي گهريو جتان نڪرڻ ٿي محال هو. هو هڪ پڙهيل لکيل انسان هوندي به خبر نه آهي ڇا هو. هو هر ڪا سمجهه رکندي به بي سمجهه هو. هو هڪ باخبر انسان هوندي به پاڻ کي بي خبر تصور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، ۽.........

جاويد هڪ خوش طبيعت ۽ کل مک انسان هو. ليڪن هاڻ هنکي هيڏو خاموش ڏسي هن جي عزيزن ۽ دوستن جو تعجب وڌندو ٿي ويو. هو اڪثر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خاموش رهندو هو ۽ ڪجهه سوچيندو رهندو هو. هو ڇو خاموش رهندو هو؟ هو ڇا سوچيندو رهندو هو؟ هي ڪير به معلوم ڪري نه سگهيو. هو خاموشيءَ جي سبب پڇڻ تي پاڻ خفي ٿيو ڏيندو هو ۽ ڪڏهين ڪڏهين ته ڪاوڙ جي اٿي هليو ويندو هو.

نيٺ هن جي ماڻهن هن جي ڪن دوستن جي صلاح سان هن جي شاديءَ جي تاريخ پڪي ڪري ڇڏي. هنکي ٻڌايو ويو. هن جي دل هنکي ڪيترين ئي نصيحتون ڪيون ته جيڪڏهين هو صاف انڪار ڪان ڪم نه به وٺي ته به في الحال جو واسطو وجهي ڪجهه ڏينهن لاءِ هن اوچتي آفت کان پاڻ بچائي. مگر الاجي ڇو هو ائين ڪري نه سگهيو. هو ڏٺو ٿي. هو سماج کان ڏنو ٿي. هو انهيءَ سماج کان ڏنو ٿي جنهن هزارين انمول جوانيون ۽ اڪيچار بي بها زندگيون پيٺ وٺڻ ڪانپوءِ سندس زندگي جي بيڪ ٿي گهري.
هو خاموش ئي رهيو ۽ ......، سندس شادي ٿي گذري.

جاويد جي شاديءَ کي ٻه هفتا گذري چڪا هئا، مگر سندس خاموشي بدستور قائم رهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رضيه هڪ تعليم يافته عورت هئي. هوءَ شريف ۽ سلڇڻي هئي. هنکي پنهنجي مٺڙي ڳالهائڻ تي ناز هو. هوءَ واقعي مٺڙو ٻوليندي هئي. هن پنهنجي پياري خاوند تي گذرندڙ حالت ڀانهپي ورتي. هن پنهنجي دل ۾ پختو ارادو ڪيو ته هوءَ پنهنجي خاوند کي هن مرض کان ضرور نجات ڏياريندي. هن ارادو ڪيو ته اڄ کان پوءِ هوءَ سڀ خانداني خيال ڇڏي پنهنجي گهر واري جي خدمت پنهنجن هٿن سان ڪندي. هن خيال ڪيو ته هوءَ ڪوشش ڪري گهٽي ۾ گهڻو وقت پنهنجي خاوند جي سامهون ويهي پنهنجن دل لڀائيندڙ ڳالهين سان هن جو جيءُ بهلائيندي جيئن هن جو دماغ ٻين اجاين خيالن کان آجو رهي. هي هو رضيه جو پروگرام جو اڄ کان پوءِ هن پنهنجي گهر کي آباد ڪرڻ لاءِ ٺاهيو. هي واقعي هڪ سهڻو خيال هو ۽ ممڪن هو ته جاويد جي دنيا بدلجي وڃي. مگر هنکي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪيترو حق هو؟ ڇا زال پنهنجي مڙس جي رفيق حيات ناهي؟ ته پوءِ...... ڇو هنن جي فقط ڪاڻ ۽ ڳالهائڻ کي به ايتري بري نگاه سان ڏٺو ويو؟ ڇا شادي ۽ ڪانپوءِ هنن کي اهو به حق ڪونهي ته هو هڪ ٻئي جي دل وٺڻ لاءِ ڪوشش ڪن؟ ڇا هنن کي پنهنجي تقدير بنائڻ جو به حق ڪونهي؟ ڪيئن هنن جي حياتي گذرندي جيستائين ڪ هو هڪ ٻئي جي دل، خيالن ۽ پسندي کان واقف نه ٿيندا؟'

'ڇاڇي! ڪٿي جو آهي اهو انصاف ته زال ۽ مڙس ڏينهن ڏٺي جو به هڪ ٻئي سان حال ونڊي نه سگهن ڇاڪاڻ جو پراڻين رسمن موجب بي حيائي آهي، پر رات جو ڪجهه حصو گذرڻ کان پوءِ به هڪ ٻئي سان ائين ڳالهائين جيئن اهو ڳالهائڻ ٻين جي ڪن نه پوي، متان انهن جي آرام ۾ ڪا رڪاوٽ يا ڪا بي شرمي پيدا ٿئي.' هوءَ روئي رهي هئي. رضيه روئندي رهي. نه معلوم ههڙيءَ ڪيترين ئي رضيائون روئنديون رهيون. ليڪن سماج......! سماج پنهنجي جڳهه تي بدستور ساڳي پوزيشن ۾ قائم رهيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاويد جي شاديءَ کي اجهان هڪ مهينو به مس گذريو. حسب معمول آفيس روزانو ٻي بجي بند ٿيندي هئي ۽ هو آفيس بند ٿيڻ سان هڪدم گهر موٽندو هو، مگر هاڻ نه معلوم ڇو هو شام شام تائين دفتر ۾ ويٺو نظر ايندو هو. هيءَ تبديلي شايد منجهس شاديءَ ڪانپوءِ آئي ٿي ڏٺي. شام جو آفيس بند ڪرڻ ڪانپوءِ به هو نهايت ئي دير سان گهر موٽندو هو. هو ايترو وقت ڪيڏانهن گم ٿي ويندو هو؟ نه معلوم.......!

اڄ جمع جو ڏينهن هو. جاويد آفيس اندر پنهنجي ميز تي ڪي ضروري ڪاغذ اٿلائي رهيو هو. ٽپالي اندر داخل ٿيو ۽ هڪ خط سندس ميز تي اڇلائيندو ٻاهر نڪري ويو. هي خط ڏسڻ شرط هن جي دماغ ۾ سوين سوال ڊوڙڻ لڳا. هي خط ڪنهن لکيو آهي؟ حيدرآباد جو حيدرآباد مان! اکر به ڪچا لکيل ٿا ڏسجن! شايد............هن لفافو ڪٽي ڦاڙيو ۽ خط پڙهڻ لڳو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڄان ڪان پيارا جاويد

مون پنهنجي دل کي گهڻو ئي روڪيو ته هاڻ تنهنجي خيالن اڳيان نه اچان، مگر...... اڄ مونکي توهانکي ضرور ۽ مجبوراً خط لکڻو پيو.

١- توهانکي مون تي ضرور ناراضگي هوندي جو مون توهانکي اوهان جي شاديءَ رات چوائي موڪليو هو ته "هاڻ مون سان ملڻ جي ڪوشش نه ڪجو." پيارا! اوهان خيال ڪندا هوندا ته شايد آءٌ توهانجي وعده شڪني ۽ بيوفائيءَ تي ناراض هونديس. نه! نه! هرگز نه، ۽ ساڳئي وقت اهو به يقين ڏيارڻ ٿي گهران ته توهان جي شهناز توهان جي خوشيءَ ۾ هر وقت خوش رهندي ۽ توهان جي ياد شهناز جي آخري ساهه کانپوءِ به شهناز سان گڏ روز قيامت تائين رهندي.

٢- مون توهانکي پاڻ سان ملڻ لاءِ فقط انهيءَ ڪري منع ڪئي هئي ته توهان جي شادي ڪرڻ کانپوءِ جيڪو توهان تي فرض مڙهيو ويو آهي انجو احساس توهان کان وڌيڪ آءٌ ڪري سگهان ٿي. توهان کي پنهنجي خوشيءَ کان وڌيڪ انجي خوشيءَ جو خيال رکڻ کپي جنهن جي قسمت توهان سان وابسته ڪئي ويئي آهي.

٣- مون ٻڌو آهي ته توهان رات جو نهايت دير دير سان گهر واپس اچو ٿا ۽ ڪڏهين ته رات رات



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پر غائب ٿي ڏا وڃو ۽ ان ڪان ٻه، وڌيڪ ڳالهه جا منهنجي دل کي زياده ڏک رسائي ٿي اها هيءَ آهي جو پڌو اٿم ته، توهان ڪن ڪمينن جي صحبت ۾ شراب استعمال ٿا ڪريو.

منهنجا پيارا، آءٌ توهانکي ڪيئن يقين ڏياريان ته، منهنجي دل اوهانجو نالو شرابي پڌڻ سان ڦاٽي ٿي. مونکي اهو به معلوم ٿيو آهي ته، توهان چئو ٿا ته ’هي غم غلط ڪرڻ جو بهترين طريقو آهي.‘ مگر......... نه، بلڪل نه، هي غم غلط ڪرڻ جو غلط طريقو آهي ۽ صحيح طريقو صرف اهو آهي ته، توڻ پنهنجي گهر سان خوش رهه. بس......، انهيءَ ۾ منهنجي خوشي آهي.
تنهنجي دعاگو ’شهناز‘



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڄ جمع هئڻ ڪري جاويد کي جلدئي گهر واپس اچڻ گهربو هو. مگر، هو نه آيو. ٻپهر گذري ويا — شام گذري — رات گذري — مگر هو نه آيو — ٻيو ڏينهن ٿيو هنڪي آفيس ۾ ڏنو ويو، مگر هو ٻڌاڪنهن اطلاع جي هتان به غير حاضر هو. هن جي دوستن ۽ عزيزن هن جي تلاش شروع ڪئي. هنجو گهر قيامت اچڻ کان اڳ قيامت بڻجي چڪو هو. تارون ڪيون ويون. اوري ٻري جي دوستن کي ماڻهو ۽ خط موڪليا ويا. مگر......، جاويد جو پتو نه پيو.

اڄ مقامي اخبار جي مقامي خبرن ۾ هڪ دل ڏاريندڙ خبر ڏني ويئي جنهن ۾ لکيل هو ته هڪ شخص جو لاش، جنهن جو چهرو گهڻو وقت پاڻيءَ ۾ رهڻ ڪري سڃاڻي نه سگهيو، ناريجي ڪئن وتان ڪن مهاڻن کي لڌو. لاش کي پوليس جي حوالي ڪيو ويو، جنهن جي تلاشي وٺڻ تي سندس کيسي مان سواءِ هن لکيل پرزن

جي پيو ڪجهه به نه مليو. هڪ پوڙهي جا اکر پاڻيءَ ۾ پيڻ سبب بلڪل ڌهي ويا هئا، مگر پيو گهڻي ڪوشش سان پڙهيو ويو. منجهس لکيل هو.

پياري شهناز:

تنهنجو پُر شڪايت ۽ پُر نصيحت خط مليو، مهرباني. آءٌ خود سمجهدار آهيان ۽ خود سمجهي سگهان ٿو جيڪي تون مونکي سمجهائڻ گهرين ٿي. مگر...... مگر آءٌ سمجهي نٿو سگهان ته بارها دل کي سمجهائڻ سان به، آءٌ مٿس قبضو ڪري نه سگهيو آهيان. آءٌ خود اهو به سمجهي سگهان ٿو ته آءٌ جنهن رستي تي هلي رهيو آهيان انجي آخرين منزل هڪ خوفناڪ انجام ثابت ٿيندي. آءٌ جنهن منزل جي تلاش ۾ ڀٽڪي رهيو آهيان اها منزل نزديڪ هوندي به مون کان گهڻو دور آهي.

حالانڪ هي خط جو آءٌ توکي لکي رهيو آهيان، اميد اٿم ته هڪدم توکي موڪلي ڏيندس. مگر الاجي ڇو منهنجي دل کي هڪ نامعلوم خوف کائي رهيو آهي. شايد هي خط توتائين نه به پهچي.

آءٌ پنهنجو خط بند ڪرڻ کان اڳ توکان پنهنجن انهن گناهن جي معافي گهران ٿو جن تنهنجيون سڀ حسرتون ۽ ارمان زمين اندوز ڪري ڇڏيا. آءٌ توکان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

انهن گناهن جي معافي گهران ٿو جن جي ياد موڙنکي موت کان پوءِ به ڇيڇلائينديون رهنديون.

تنهنجو............ "شرابي"

هن خط پڙهندي هر انساني دل واري انسان جي اکين ۾ ڳوڙها ٿي ڏنا، مگر سماج......سماج پريان پيئو مرڪي رهيو هو.




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# عظمت ادبي اڪيڊمي طرفان
## ڇپرايل ڪتاب

| ڪتاب جو نالو | ليکڪ | قيمت |
|---|---|---|
| 1. اکاڙي (ٻه ڇاپا) | عمر ميمڻ | ختم |
| 2. عشق (ٻه ڇاپا) | " | " |
| 3. قرب جا ناتا (ٽيون ڇاپو) | " | 11-00 |
| 4. قيدياڻي جي ڊائري (پنجون ڇاپو) | اختر بلوچ | 12-00 |
| 5. پيار ۽ پلپ | موهن ڪلپنا | ختم |
| 6. پوڙهو ۽ سمنڊ | عمر ميمڻ | " |
| 7. جنم قيدي (ٻه ڇاپا) | يوسف بلوچ | " |
| 8. جنگ ۽ انسان (ٽيون ڇاپو) | عمر ميمڻ | 10-00 |
| 9. جي ماريا نه موت (پنجون ڇاپو) | تنوير عباسي | 12-00 |
| 10. ڊراڙن جا ڏک (ٽيون ڇاپو) | ادارو تحريڪ | 14-00 |
| 11. جنس پيار ۽ شادي | عمر ميمڻ | ختم |
| 12. ڪالهيون ڪنوارن جون | ادارو تحريڪ | " |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

| | | |
|---|---|---|
| 13. پريت پراڻي ريت نرالي | سنڌري | " |
| 14. سنڌي ٻوليءَ کي للڪار (چوٿون ڇاپو) | ادارو ملير | 9.00 |
| 15. آن داتا (ٻيو ڇاپو) | عمر ميمڻ | ختم |
| 16. ويتنامي ڪهاڻيون | ادارو تحريڪ | " |
| 17. پيار پيار پيڙا پيڙا | سنڌري | 10.00 |
| 18. تو جنين جي تات | " | 11.00 |
| 19. لڳ منهنجا لوهه (ٻي ڇاپو) | محبوب راهوجو | 16.00 |
| 20. بي اولاد | عمر ميمڻ | 5.00 |
| 21. ڪرنڊڙ ديوارون | سنڌري | 12.00 |
| 22. رام محمد ڊيسوزا | عمر ميمڻ | 12.00 |
| 23. علم تدريس مظلومن لاءِ (ٻيو ڇاپو) | م. ا. جويو | 22.00 |
| 24. جڏهن بُک جهريو (ٻيو ڇاپو) | رشيد ڀٽي | 6.00 |
| 25. الو لتو ۽ اجهو | عمر ميمڻ | ختم |
| 26. ماڻوءَ جا قول (ٻيو ڇاپو) | لکانو ڀهراڻي | " |
| 27. چين ۾ قومي سوال | عمر ميمڻ | 16.00 |
| 28. تاريخ ڇا آهي | " | 12.00 |
| 29. سچ جو فلسفو | رشيد ڀٽي | ختم |
| 30. محڪريءَ جا مضمون | م. ا. جويو | 25.00 |
| 31. سون ورني ترني | عمر ميمڻ | 20.00 |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

| | | | |
|---|---|---|---|
| 54. | نيتاجي هندستان ڪان ٻاهر ڪيئن ويو | لالا آتمچند | 10-00 |
| 55. | ڏونگر ڏک ڏٺام | يوسف سنڌي | 4-00 |
| 56. | زلفي منهنجو دوست | عمر ميمڻ | 11-00 |
| 57. | ڳاڙهو لالٽين (ليون چاهو) | نجم عباسي | 10-00 |
| 58. | سنڌين جو دشمن ڪير | عمر ميمڻ | 11-00 |
| 59. | ڪنواري ماءُ | عمر ميمڻ | 12-00 |
| 60. | مهاتما گانڌي | رام مولوالي | 9-00 |
| 61. | اڇا وار ڳاڙها گل | سندري آتمچندالي | 12-00 |
| 62 - | وطن يا ڪفن | | 30.00 |
| 63 - | آسمان جي هيٺ (هيوچاپلو) | خدابخش مغل | 10.00 |

عظمت ادبي اڪيڊمي

13 - نظام لاج

ڪاڏي ڪالو

حيدرآباد - سنڌ

---

نئون ڪوٽ - تعلقو ڏگهڙي

ضلع ٿرپارڪر - سنڌ

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ڀڪيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book